SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 1974

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (پي ترميم) آرڊيننس، 1974

THE SINDH PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance II of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 1974
سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (پي ترميم) آرڊيننس، 1974
THE SINDH PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[28 ڊسمبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڈيننس، 1974 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1974 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ (پي ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ

2. سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1974 جي دفعہ 4

آرڊيننس II جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance II of 1972

جي ذيلي دفعہ (2) ۾ شق (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(b) لوڪل ڪائونسلز ۽ ميونسپل ڪميٽيز ۾ خدمتون ۽ ڪم سرانجام ڏيندڙ عملدار ۽ ايڈمنسٽريٽر اهڙيون خدمتون ۽ ڪم تيستائين جاري رکندا جيستائين خاص طور تي جوڙيل ڪائونسلز هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب آفيس سنڀالين؛ بشرطيڪ حڪومت اهڙي ڪنهن آفيس يا ايڈمنسٽريٽر جي جاءِ تي ڪنهن بہ شخص کي اهڙي لوڪل ڪائونسل يا ميونسپل ڪميٽي جو ايڈمنسٽريٽر مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن بہ معاملو هجي."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.